# پارن لاءِ بائبل

تحفو



# چوڪرو سموئيل،
# خُدا جو خادم

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Lyn Doerksen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



حنه هڪ سٺي نيڪ عورت هئي، القانه سان شادي ٿيل هُئي، هڪ سٺونيڪ ماڻهوهو. انهن ٻنهي خُدا جي عبادت ڪئي ۽ ٻين سان همدردي ڪندا هئا.



پر حنه جي زندگي مان ڪجهه غائب هو. هن ٻار ڄڻُ ٿي چاهيو. ها، هن ڪيئن هڪ ٻارڪي تي چاهيو! هنُء انتظار ڪئي ۽ دعا ڪئي ۽ اميد ڪئي ۽ ڪجهه وڏيڪ انتظار ڪيو. پرڪو ٻار نه آيو!



هر سال، حنه خُدا جي
خيمه تي عبادت ڪرڻ لاءِ
ويئ. هڪ سال هن خُدا سان
واعدو ڪيو ته جيڪڏهن هو
هن کي پٽ پيدا ڪندو ته هوءَ
ان چوڪري کي هميشه لاءِ خُدا
جو ٻانهو بڻائي ڇڏيندي.

3



پيرسن ڪاهن عيليءَ،
حنه کي دعا ڪندي ڏٺو.
هن سوچيو ته حنه
شراب پيئيتل آهئي،
ڇاڪاڻ ته هن جا
چپ لُڏيا پي پر آواز
ڪو نه پي آيو.
عيليءَ حنه کي
ڊاهي ڇڏيو!

4



پر حنه عيليءَ کي ٻار
لاءِ دعا ۽ خُدا سان
سندس واعدي بابت
ٻڌايو. "امن سان وڃ،"
عيليءَ جواب ڏنو.
"۽ بني اسرائيل جو خُدا
توهان جي درخواست
کي قبول ڪري ٿو
جيڪو توهان هن کان
گهُريو آهي." عيليءَ جي
لفظن حنه کي اميد ڏني.

5

جلد ئي حنه جي دل وڏي خوشي سان پرجي وئي. "رب هن کي ياد ڪيو" ۽ هن جي دعا جو جواب ڏنو. هنءَ ۽ القانه کي هڪ ننڍڙو چوڪرو ٿيو جنهن جو نالو سموئيل هو (جنهن جو مطلب آهي ”خُدا جي طرفان ٻڌو“). پر ڇا حنه خُداوند کي ياد ڪندي ۽ سندس واعدو ڪيس ياد هوندو؟



6



حنه هر سال خيمه اجتماع ۾
وڃڻ ڇڏي ڊيندي آهي. اوه،
پيارا، ڇا هن خُدا سان
پنهنجو واعدو ٽوڙي ڇڏيو
هو؟ نه، حنه انتظار ڪري
رهي هُئي جيستائين سموئيل
ڪُجه وڌوتئي خيمه ۾ رهڻ
۽ عيليءَ کي خُدا جي
خدمت ڪرڻ ۾ مدد
ڪري سگهي. پوءِ هوءَ
ڪيس خيمه ۾ وٺي اچي.

7



خُدا حنه کي هن جي
عظيم وفاداري لاءِ
برڪت ڏئي ٿو.
سموئيل کان پوءِ خُدا
ڪيس ٽي وڌيڪ پٽ ۽
ٻه ڌيئرون ڏئي ٿو، هر
سال حنه خيمي اجتماع
۾ خُدا جي عبادت
ڪرڻ لاءِ وڃي
ٿي. ۽ هر سال هوءَ
سموئيل لاءِ نئون پهراڻ
ٺاهيندي هئي.

8



سموئيل عيلي جو اڪيلو مددگار نه هو. عيلي
جا پٽ، حُفني ۽ فينحاس، پڻ اتي ڪم ڪيو.
پر انهن بڇڙا ڪم ڪري خُدا جي بي عزتي
ڪئي، ۽ جڏهن سندن پيءُ عيلي کين منٿ
ڪئي، تڏهن بہ انهن کيس
تبديل نہ ڪيو. عيلي
کي انهن کي خيمه ۾
ڪم ڪرڻ کان
برطرف ڪرڻ
گهرجي ها. پر
هن نه ڪيو.

9



هڪ رات، سموئيل
هڪ آواز ٻڌو جيڪو
هن کي سڏيندو هو.
ڇوڪري سوچيو ته اهو
عيلي سڏي رهيو آهي.
"مان هتي آهيان،" هن
چيو. "مون نه سڏيو،"
عيلي جواب ڏنو. اهو ٽي
ڀيرا ٿيو. پوءِ عيلي ڄاتو
ته خُدا سموئيل سان
ڳالهائڻ چاهي ٿو.

10



عيلي سموئيل کي ٻڌائي
ٿو، "۽ جيڪڏهن اهي
اوهان کي سڏين ٿا،
ته چئو، 'اي خُداوند،
تنهنجو خادم ٻڌي ٿو.'"
۽ خُدا وري سڏي ٿو
۽ سموئيل کي تمام
ضروري پيغام ڏئي ٿو.

11

صبح جو، عيلي سموئيل کي سڏي ٿو. "اهو ڇا آهي
جيڪوخُداوند توهان سان ڳالهايو آهي؟" هو پڇي ٿو. نوجوان
سموئيل کيس سڀ ڪجهه ٻڌائي ٿو. اهو هڪڙو خوفناڪ
پيغام هو، خُدا عيلي جي سڄي خاندان
کي برباد ڪرڻ وارو هو، ڇاڪاڻ
تہ حفني ۽ فينحاس جي بڇڙائي
تمام گھڻو وڌي چڪي هئي.



12

خُدا جو خبردارڪرڻ سچو ثابت ٿيو. فلستين
سان جنگ دوران، عيلي جا ٻه بدڪار پٽ،
جيڪي اسرائيل جي فوج جي اڳيان خُدا جي
عهد جو صندوق کڻي ويا. دشمن انهن کان
عهد جو صندوق کسي ورتو ۽ حفني
۽ فينحاس کي ٻين ڪيترن ئي
اسرائيلن سان گڏ قتل ڪيو. جڏهن
عيلي اهو ٻڌو، هو پنهنجي گادي
تان ڪري پيو، هن جي
ڳچيءَ ڀڃي پئي ۽ ان
ڏينهن مري ويو.



13

خُدا جي عهد جو صندوق فلستين کي مصيبت ۾ آندو. انهن
کيس سندن ڪوڙي ديوتا دجون جي مندر ۾ رکيو. صبح جو،
ديوتا دجون جو بت ان جي منهن پر ڪري پيو. فلستينين ان
کي ٻيهر اٿاريو، پر ٻئي ڏينهن صبح جو اهو وري ڪري پيو.
هن ڀيري، دجون ٽڪر ٽڪر ٿي ويو.



14



فلستينين ۾ بيماري ۽ موت پکڙجي ويئ.
ڏسڻ لاءِ ته چا خُدا انهن کي سزا ڏئي
رهيو هو. فلستينين پہ کيرڏينڌڙ
ڍڳيون کنيون ته ان گاڏيءَ کي
ڇڪڻ لاءِ جنهن تي عهد جو
صندوق رکيل هو. پر اُهي
ڳئون جا ٻچا رکيو وٺيندا آهن.
"جيڪڏهن کير وارا ڳئون
اسرائيل ڏانهن وڃن ۽ انهن
جي ٻچن کي ڇڏي ڏين ته اسان کي
خبر پوندي ته خُدا اهو ڪيو آهي،"
هن چيو. ۽ پوءِ ڳئون هلڻ لڳيون.





پوءِ سموئيل، جيڪو هاڻي
وڏوبالغ مرد ٿئي ويو هو، بني
اسرائيل جي سڀني ماڻهن سان
ڳالهائي ٿو. "جيڪڏهن توهان
پنهنجي دل سان خُدا ڏانهن
موٽندا ... ته هو توهان کي
فلستين جي هٿ کان بچائيندو."
ماڻهو خُدا جي وفادار نبي
جي فرمانبرداري ڪن ٿا.
۽ خُداوند جو هٿ سموئيل
جي سچي ڏينهن ۾ فلستين
جي خلاف هو.



چوڪرو سموئيل، خُدا جو خادم

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

١ سموئيل ١ - ٧

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130






17 60



هيءِ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويو۽ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڑھو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.